هفتيوار رسالو

اميراهل سنت جي ڪتاب ”گفتگو جا آداب“ مان ڇهين قسط

# سُڻو ڳالهائڻ ۽ ٻُڌڻ جا فائدا

تلاوت ٻُڌڻ جو شوق

جنت ڪيئن ملي؟

ايمان جي سلامتي جو ذريعو

ستر هزار فائدا

محمد الياس عطار قادري رضوی

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: ستو ڳالهائڻ ۽ ٻُڌڻ جا فائدا

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1448ھ آگسٽ 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

بـانـي دعـوت اسـلامـي، حضـرت عـلامہ و مولانـا محـمـد اليـاس عطـار قـادري

## امير اهل سُنت

جي ڪـتـاب ”گفتگو جـا آداب“ مـان هـڪ قسط .

# ستو ڳالهائڻ ۽ ٻُڌڻ جا فائدا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## ستو ڳالهائڻ ۽ ٻُڌڻ جا فائدا


دعاءِ عطار ........................ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........................ 1
افسوس تلاوت ٻڌي ڪري ڪوڙ ماڻهو اٿي ويا ........................ 2
تلاوت ٻڌڻ جو شوق ........................ 3
هڪ آيت ٻڌڻ جي فضيلت ........................ 3
تلاوت ۾ 20 سال مشقت ڪنيائون ........................ 3
جنت گهرجي ته خير کان علاوه ڪجھ ٻ زبان مان نہ چئو ........................ 4
گناهن کان سچي توبه ڪري ورتي ........................ 5
خاموشي ايمان جي سلامتي جو ذريعو آهي ........................ 7
جنّتي هئڻ جو راز (واقعو) ........................ 7
هر صحابيءِ نبي جنّتي جنّتي ........................ 8
تمام صحابہ جنّتي آهن ........................ 9
گهٽو ڪائڻ ۽ گهٽي ڳالهائڻ جو هڪ سبب آهي ........................ 10
بنا ٻَک جي ڪائڻ وارو باتوني (گهٽي ڳالهائڻ وارو) هوندو آهي ........................ 11
تلوار جو گهاءُ ڀرجي ويندو آهي پر زبان جو گهاءُ ناهي ڀرجندو ........................ 11
زبان کي قيد ڪري رکو ........................ 12
جيڪا ڳالھ ٻن چپن ۾ نہ سمائجي هاٿي اها ڪتي ۾ نہ سمائبي ........................ 12
گهر جي ڳالھ ٻاهر ڪرڻ وارو برو آهي ........................ 12
ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي ڳالھ زبان مان نڪري ويندي آهي جو.... ........................ 13
اُهو بي فائدو گهڻ ڳالهائيندو ........................ 14
زبان جو ترڪڻ پيرَ جي ترڪڻ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي ........................ 14
خبر ناهي ڪهڙي گهڙي قبوليّت جي هجي ........................ 15
فضول ڳالهائڻ واري جي قيامت ۾ پنجن هنڌن تي پريشاني ........................ 15
خاموشيءَ ۾ ست هزار فائدا آهن ........................ 16
جواني ديواني آهي هن جي شَر کان بچو! ........................ 17

نہ ڳالهائڻ ۾ نوَ ڳڻَ (خوبيون) .......... 17
زبان جي حفاظت سونَ ۽ چاندي جيان ڪيو .......... 17
خاموشي سونُ آهي .......... 18
صاحبِ حڪمت ڪير؟ .......... 18
گهٽ ڪلام ۽ گهٽو ڪم .......... 18
چاليهہ سال جون راتيون فضول ڳالهين کان پرهيز ڪئي .......... 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ط

# سنو ڳالهائڻ ۽ ٻُڌڻ جا فائدا [1]

## دعاءِ عطار

يا اللّٰه پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”سنو ڳالهائڻ ۽ ٻُڌڻ جا فائدا“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي هميشہ سُنو ڳالهائڻ ۽ ٻُڌڻ جي توفيق عطا فرماءِ ان جي ظاهر ۽ باطن کي سنو ٺاهڻ جي توفيق ڏي ۽ ان کي ماءُ پيءُ سميت بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

هڪ ڏينهن حضرتِ سَيِّدُنا شيخ ابو بڪر شبلي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ بغدادِ معلّیٰ جي جيد عالم حضرتِ سَيِّدُنا ابو بڪر بن مجاهد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ وٽ تشريف وٺي آيا. انهن فوراً اٿي بيهي کين ڀاڪر پاتو، پيشانيءَ کي چمي وڏي تعظيم و اڪرام سان کين پنهنجي پرسان ويهاريائون. اها حالت ڏسي حاضرينِ مجلس عرض ڪيو: اي اسان جا سردار! اوهان ۽ بغداد وارا تہ اڄ تائين کين ديوانو چوندا هئا، پر اڄ انهن جي اهڙي تعظيم ۽ قدرافزائي ڇو؟

پاڻ جواب ڏنائون: مون بلا سبب ائين ناهي ڪيو. اڄ رات مون خواب ۾ هي ايمان افروز منظر ڏٺو تہ حضرتِ سَيِّدُنا ابو بڪر شبلي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ

[1] هي مضمون امير اهل سُنت جي ڪتاب ”گفتگو جا آداب“ مان ڪنيو ويو آهي.

بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ سرورِ دو عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اٿي بيهي کين سيني سان لاتو، پيشانيءَ تي چُمي ڏني ۽ کين پنهنجي پاسي ۾ ويهاريائون. مون عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! شبليءَ تي ايتري شفقت ۽ عنايت جو سبب؟ اللّٰه پاڪ جي پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) ارشاد فرمايو: هيءُ هر نماز کان پوءِ هيءَ آيت تلاوت ڪندو آهي

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِیْزٌ عَلَیْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِیْصٌ عَلَیْكُمْ بِالْمُؤْمِنِیْنَ رَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ (۱۲۸)

(پ11،التوبة:128)

۽ ان کان پوءِ مون تي درود پڙهندو آهي.

(القول البد يع،ص346)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## افسوس تلاوت ٻڌي ڪري ڪوڙ ماڻهو اٿي ويا

حضرت سيّدُنا عُبيد بن جَعْد رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه روايت ڪن ٿا تہ ماڻهن کي خبر پئي تہ صحابيءِ رسول حضرت سيّدُنا سَلْمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه (عراق جي شهر) مَدائن جي هڪ مسجد ۾ موجود آهن تہ هو سندن وٽ حاضر ٿيڻ لڳا، ايستائين جو تقريباً هڪ هزار جي قريب ماڻهو اتي جمع ٿي ويا، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه بيهي ڪري فرمايائون: سيئي ماڻهو ويهي رهن، جڏهن ماڻهو ويهي رهيا تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جن سورت يُوسُف جي تلاوت شروع ڪئي، آهستہ آهستہ ماڻهو اتان کسڪڻ لڳا، ايستائين جو تقريباً 100 ماڻهو باقي رهيا، پاڻ جلال ۾ اچي ڪري فرمايائون: ”توهان من گهڙت

۽ فضول ڳالهيون ٻڌڻ چاهيون، پر مون توهان کي الله پاڪ جو ڪلام ٻڌايو تہ اٿي ڪري هليا ويا.“ (حلية الاولياء، ج: 1، ص261، قول نمبر : 643، الله والوں کی باتیں، ج: 1، ص: 377)

## تلاوت ٻڌڻ جو شوق

اي عاشقانِ رسول! قرآن جي تلاوت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ يقيناً هي وڏي ثواب جو ڪم آهي پر افسوس! هاڻي ماڻهو هن ڪان ڪافي پري ٿيندا پيا وڃن، ڪي قاري صاحب تلاوت ڪن تہ ٻڌڻ تي دل ئي ناهي چاهيندي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمجي شوقِ تلاوت بابت ”اِحياءُ الْعلوم (اردو)“ پهرين جلد صفحي 845 تي آهي: مَروي آهي تہ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جڏهن گڏ ٿيندا هئا تہ ڪنهن هڪ کي چوندا هئا تہ قرآنِ ڪريم جي ڪا سورت ٻڌايو. (احياء العلوم ج: 1، ص: 372)

## هڪ آيت ٻڌڻ جي فضيلت

حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما فرمائن ٿا: جيڪو شخص قرآنِ پاڪ جي ڪا آيت ٻڌندو آهي، قيامت جي ڏينهن اها ان جي لاءِ نور هوندي. (مصنف عبد الرزاق ج: 3، ص: 229، قول نمبر 6032)

ڏٺو توهان! قرآنِ ڪريم جي تلاوت ٻڌڻ جو ڪيڏو عظيمُ الشّان اَجُر آهي ۽ تلاوت ڪرڻ وارو جيڪو ان جو سبب آهي اهو بہ اَجُر ۽ ثواب ۾ ان جو شريڪ آهي شرط هي آهي تہ رياڪاري ۽ ڏيکاءُ جي نيّت نہ هجي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تلاوت ۾ 20 سال مشقت ڪنيائون

دل لڳي يا نہ لڳي عبادت ۽ تلاوت جاري رکڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللهُ الْکَرِيْم! ڪڏهن نہ ڪڏهن دل لڳي ئي ويندي. حضرت سيّدُنا ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (دل نہ لڳڻ جي باوجود) مان 20 سال قرآنِ ڪريم مان (تلاوت ڪرڻ جي) مشقت برداشت ڪئي ۽ پوءِ 20 سال ان جي مناڻ (يعني لذّت) ماڻي. (احياء العلوم (اردو) ج: 1، ص: 871)

ہر روز میں قرآن پڑھوں کاش! خدایا — اللہ! تلاوت میں مِرے دل کو لگا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنّت گهرجي تہ خير کان علاوہ ڪجھ بہ زبان مان نہ چئو

زبان تي جڏهن نيڪي ئي نيڪي جاري هوندي، ذڪر ۽ درود جو ورد هوندو. فضول ڳالهين جي عادت نہ هوندي تہ ڪوڙ، غيبت، چغلي ۽ عيب جوئي وغيره گناهن کان بہ جند ڇُٽي ويندي ۽ ايئن اِنْ شَآءَاللهُ الْکَرِيْم! جنّت ۾ وڃڻ جا اسباب تي ويندا. جيئن تہ سيّدُنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ حضرت سيّدُنا عيسٰي روح الله عَلَيْهِ السَّلَام جي خِدمتِ بابرڪت ۾ ماڻهن عرض ڪيو، ڪو اهڙو عمل ٻڌايو جيڪو جنّت ۾ وٺي وڃي. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: ”ڪڏهن ڳالهايو نہ.“ انهن عرض ڪيو: هي تہ تي نہ ٿو سگهي. فرمايائون: ڀلائي جي ڳالھ کان سِواءِ زبان مان ڪجھ نہ چئو.“ (احياء العلوم (اردو) ج: 3، ص: 336، احياء العلوم: ج: 3، ص: 136)

اکثر مرے ہونٹوں پہ رہے ذِکرِ مدینہ
اللہ زَبان کا ہو عطا قُفلِ مدینہ

(وسائلِ بخشش ص: 93)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## گناهن کان سچي توبه ڪري ورتي

اي جنّت جا طلبگارؤ! هن واقعي مان معلوم ٿيو ته زبان کي قابوءَ ۾ رکڻ ۽ غير ضروري گفتگو کان بچڻ به جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن، زبان ۽ بدن جي ٻين عُضون کي گناهن کان بچائي ڪري جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارا اعمال ڪرڻ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! فائدي ۾ رهندؤ. آخرت جون پلايون ماڻڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ هڪ ”مدني بهار“ توهان کي ٻڌائي وڃي ٿي. جيئن ته ڪافي پهريان جي ڳالهه آهي ته سنڌ جي هڪ خاتون اهڙي دفتر ۾ ڪم ڪندي هئي جتي مرد ۽ عورتون سڀ ئي ملازمت ڪندا هئا. بي پردگي، بدنگاهي سان گڏوگڏ اهڙيون ڪيتريون ئي برائيون اتي عام هيون جَن کي بدقسمتي سان اڄ معاشري ۾ برائي ئي نه ٿو سمجهيو وڃي. انهيءَ بري ماحول جو نتيجو هو جو هي فلمن، ڊرامن ۽ گانن باجن ۽ نَوان نَوان فيشن ۽ پارڪن ۾ بي پرده گهمڻ جي شوقين هئي. والدين جي نافرماني بلڪ انهن سان بدڪلامي ۽ وڏن سان بدسلوڪي ڪرڻ ان جو معمول هو. هڪ ڏينهن هڪ برقعي واري پرديدار اسلامي ڀيڻ ان جي گهر آئي. جڏهن ان ڪيس سامهون پنهنجو

نقاب هٽايو تہ هيءَ حيرت ۾ پئجي وئي تہ هيءَ تہ اها ئي آهي جيڪا مون سان گڏ دفتر ۾ ڪم ڪندي هئي مون وانگر بي پرده ۽ فيشن پڻ ڪندي هئي. ڪجھ عرصو پهريان ملازمت ڇڏي چڪي هئي. هاڻي هوءَ دعوتِ اسلامي جي مُبلّغہ هئي، مختصر ٽائيم ۾ ايڏي وڏي تبديلي ڏسي ڪري هي متاثِر ٿيڻ بغير نہ رهي سگهي. اسلامي ڀيڻ نرم لهجي ۾ ان کي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري، ان اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ جي نيّت ڪري ورتي. ان اسلامي ڀيڻ جي زندگيءَ ۾ اچڻ واري تبديلي پهريان ئي ڪيس دل جو دروازو کڙڪائي چڪي هئي، سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ۽ اتي ٿيڻ واري فڪرِ آخرت سان ٿمٿار بيانَ ان کي غفلت جي خواب مان لوڏي ڪري جاڳائي ڇڏيو، رهيل سهيل ڪسر رقّت انگيز اجتماعي دعا پوري ڪري ڇڏي، هيءَ پنهنجي جذبات تي قابو نہ رکي سگهيون ۽ زاروقطار روئڻ لڳيون. انهن کي پنهنجي گناهن تي ندامت ٿيڻ لڳي، الله پاڪ جي بارگاھ ۾ سچي دل سان توبھ ڪري ورتي. هي ربّ ڪريم جو شڪر ادا ڪنديون آهن تہ ڪين گناهن جي دلدل مان نڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو سهارو عطا ڪري ڇڏيو.

سلامت رہے یا خدا مدنی ماحول — بچے بد نظر سے سدا مدنی ماحول

دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے — نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول

(وسائلِ بخشش، ص: 647)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خاموشي ايمان جي سلامتي جو ذريعو آهي

جنهن جي زبان قينچي جيان هر ڪنهن جي ڳالهه ڪٽيندي هلندي ويندي هوندي اهو ٻين جي ڳالهه چڱي طرح سمجهڻ کان محروم رهندو، بلڪ فضول گو شخص جي لاءِ هي به خطرو رهندو آهي ته گهڻو ڳالهڻ سان زبان مان مَعاذَ الله ڪفريه ڪلما به نڪري سگهن ٿا. جئين ته حضرتِ امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحمَۃُاللهِ عَلَيه "اِحياءُ العُلوم" ۾ لکن ٿا ته ڪجهه بزرگن فرمايو: "خاموش رهڻ واري شخص ۾ ٻه خوبيون جمع ٿي وينديون آهن: (1) ان جو دين سلامت رهندو آهي ۽ (2) ٻئي جي ڳالهه چڱي طرح سمجهي وٺندو آهي." (احياء العلوم ج: 3، ص: 137)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنّتي هئڻ جو راز (واقعو)

الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي عطا سان ماڻهن کي ڏسي سڃاڻي وٺندا هئا ته هي جنّتي آهي يا جهنّمي، بلڪ اچڻ واري جي پهريان کان ئي خبر پئجي ويندي هئي ته هو جنّتي آهي يا دوزخي، جيئن ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري ارشاد فرمايو: "جيڪو شخص سڀ کان پهريان هن دروازي مان داخل ٿيندو اهو جنّتي هوندو." ايتري ۾ حضرت سيّدُنا عبد الله بن سلام رَضِیَ اللهُ عَنْه دروازي مان داخل ٿيا، ماڻهن انهن کي مبارڪ باد ڏيندي پڇيو ته آخر ڪهڙي عمل جي سبب توهان کي هيءَ سعادت ملي؟

فرمايائون: منهنجو عمل تہ تمام ننڍو آهي ۽ جنهن جي مان اللہ پاڪ ڪان اميد رکان ٿو اها منهنجي سيني جي سلامتي ۽ بنا مقصد وارين ڳالهين کي ڇڏڻ آهي. (الصمت، ج: 7، ص: 87 قول نمبر: 111)

هن حديثِ پاڪ جا الفاظ ”سَلَامَةُ الصَّدْرِ“ ”يعني سيني جي سلامتي“ مان مراد دل جو لَغوِيات (يعني فضوليات) بغض ۽ حسد وغيره باطني امراض (يعني گناهن جي پوشيده بيمارين) ڪان پاڪ هئڻ ۽ دل ۾ ايمان جو مضبوط هئڻ آهي.

رفتار کا گفتار کا کردار کا دے دے
ہر عضو کا دے مجھ کو خدا قفلِ مدینہ

(وسائلِ بخشش، ص: 95)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هر صحابيءِ نبي جنّتي جنّتي

سُبْحٰنَ الله! اللہ پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي تَن مَن ڌَن سڀ قربان! صحابيءِ رسول عبد اللہ بن سلام رَضِيَ اللهُ عَنْه جي مقدّر جي بہ ڇا ڳالھ آهي جو انهن کي زبانِ نبي مان جنّتي هجڻ جي بشارت ملي، بيشڪ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه جنّتي آهن ۽ صرف پاڻ ئي نہ هر صحابيءِ نَبي جنّتي آهي جيئن تہ ”فَيضان نماز“ صفحي 329 ڪان 330 تي آهي: اللہ ڪريم سيپاري 27 سُورَةُ الْحَدِيد جي آيت 10 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

لَا یَسْتَوِیْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَ قٰتَلَؕ اُولٰٓىٕكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِیْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَ قٰتَلُوْاؕ وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰىؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِیْرٌ۠(۱۰)

ترجموڪنزالعرفان: توهان مان فتح کان پهريان خرچ ڪرڻ وارا ۽ جهاد ڪرڻ وارا برابر نہ آهن، اهي بعد ۾ خرچ ڪرڻ وارن ۽ وڙهڻ وارن کان مرتبي ۾ وڏا آهن ۽ انهن سڀني سان الله پاڪ سڀ کان سٺي شيءِ جو واعدو فرمايو آهي ۽ الله توهان جي ڪمن کان خبردار آهي.

## تمام صحابہ جنّتي آهن

مُفَسِّرِ قرآن حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ هن آيتِ مبارڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هنن (صحابہءِ ڪرام رَضِیَاللہُعَنۡھم) جا درجا توڙي جو مختلف آهن پر انهن سڀني جو جنّتي هجڻ بلڪل يقيني آهي ڇوتہ رَبُّ تعالي وعدو فرمائي چڪو آهي، تمام صحابہ عادِل ۽ متقي آهن ڇوتہ سڀني کان رَبِّ ڪريم جنّت جو وعدو فرمايو، جنّت جو وعدو فاسِق (يعني گنهگار) کان ناهي ٿيندو.[1] هر صَحابي، نبي ڪريم صَلَّیاللہُعَلَیۡہِوَاٰلِہٖوَسَلَّم جي صحابِيَّت جي نسبت سان اسان جي لاءِ واجِبُ التَّعۡظيم آهي ۽ ڪنهن بہ صحابيءَ جي گستاخي حرام ۽ گمراهي آهي.

ہر صحابیِ نبی — جنتی جنتی
سب صحابیات بھی — جنتی جنتی
چار یارانِ نبی — جنتی جنتی
حضرت صدیق بھی — جنتی جنتی

---

1 --- نورالعرفان، آيت مزکوره کے تحت

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہیں عمر فاروق بھی | جنتی جنتی | عثمان غنی | جنتی جنتی |
| فاطمہ اور علی | جنتی جنتی | ہیں حسن حسین بھی | جنتی جنتی |
| والدین نبی | جنتی جنتی | ہر زوجۂ نبی | جنتی جنتی |
| اور ابوسُفیان بھی | جنتی جنتی | ہیں مُعاویہ بھی | جنتی جنتی |

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! "فضول ڳالهيون" توڙي جو گناه نہ آهن پر پوءِ بہ هن ۾ ڪا ڀلائي ناهي. سُبْحان الله! هاڻي توهان هڪ روايت ٻڌي جنهن ۾ صحابيءِ نبي حضرتِ عبد الله بن سلام رَضِيَ اللهُ عَنْه کي زبانِ رسالت مان دنيا ۾ ئي جنّت جي بشارت عنايت ٿي وئي! پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه ۾ هڪ خوبي هيءَ بہ هئي تہ ڪڏهن فضول ڳالهين ۾ نہ پوندا هئا. جنهن ڪم سان واسطو نہ هوندو هو ان جي باري ۾ پڇندا بہ نہ هئا. افسوس! اسان جو جن معاملن سان پري پري جو بہ تعَلُّق ناهي هوندو پوءِ بہ انهن ۾ دخل اندازي (INTERFERE) ڪندا ۽ انهن بابت بنا ضرورت سُوالات ڪندا رهندا آهيون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهڻو کائڻ بہ گهڻي ڳالهائڻ جو هڪ سبب آهي

صرف لذّت جي لاءِ گهڻي کائڻ پيئڻ جي قرآن ۽ حديث ۾ مذّمت آئي آهي. پيٽ جڏهن گهڻو پرجي ويندو آهي تہ مستي بہ گهڻي ذهن ۾ ايندي آهي ۽ زبان بہ قينچي جيان هلڻ لڳندي آهي ۽ جڏهن بُکَ لڳل هوندي

آهي تہ انسان سُست ٿي ويندو آهي، گهٽي ڳالهائڻ تي دل ناهي چوندي. جئين تہ حضرتِ شيخ عبدُ الوهّاب شعْراني رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جا اسلاف يعني اڳيان بزرگانِ دين رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم سخت بکَ برداشت ڪندا ۽ پيٽ پري نہ ڪائيندا هئا تہ جيئن انهن جي خاموشي گهٽي هجي ۽ فضول گوئي گهٽ هجي جيئن باعمل عُلماءِ دين رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم جي عادتِ مبارڪ هئي، چوتہ جنهن جو پيٽ گهڻو پريل هوندو آهي ان جي بي ضرورت گفتگو بہ وڌي ويندي آهي. (تنبيهُ المغترين، ص: 189)

## بنا بُکَ جي ڪائڻ وارو باتوني (گهڻي ڳالهائڻ وارو) هوندو آهي

حضرتِ سيّدُنا محمد راهِبي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پيٽ ۾ فضول ڪاڌو پرڻ واري جي زبان مان ڳالهيون بہ فضول نڪرنديون.

(تنبيهُ المغترين، ص: 189)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تلوار جو گهاءُ ڀرجي ويندو آهي پر زبان جو گهاءُ ناهي ڀرجندو

تير ۽ تلوار سان صرف جسم گهايل (يعني زخمي) ٿيندو آهي، پر زبان جي ڪري دل گهايل ٿيندي آهي. حضرت سُفيان ثوري رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ انسان کي تير هڻڻ کيس زبان سان برو ڀلو چوڻ کان گهٽ آهي، چوتہ زبان جا نشانا ڪڏهن خطا (مِس)ناهن ٿيندا. (تنبيهُ المغترين، ص: 189)

## زبان کي قيد ڪري رکو

جيڪو شخص زبان کي قيدي بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو اهو يقيناً بيشمار فتنن کان محفوظ ٿي ويو، جيئن تہ صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: ”قسم آهي ان ذات پاڪ جو جنهن کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي، اهڙي ڪا شيءِ ناهي جنهن کي زبان کان وڌيڪ قيد رکڻ جي ضرورت هجي.“

(احياء العلوم، ج: 3، ص: 137 ، احياء العلوم(اردو) ج: 3، ص: 338)

## جيڪا ڳالهہ ٻن چپن ۾ نہ سمائجي هاڻي اها ڪٿي بہ نہ سمائبي

ڳالهائڻ کان پهريان چڱي طرح غور ڪرڻ گهرجي تہ ڪٿي بعد ۾ شرمندگي نہ ٿئي. (ڪروڙين شافعين جا پيشوا) حضرت سيّدُنا امام شافِعي رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ ڳالهہ تيرَ جيان آهي، جيڪڏهن توهان وٽان نڪري وجي تہ اها ٻئي جي ٿي ويندي ۽ هاڻي ان جا مالڪ توهان نہ هوندؤ. (تنبيهُ المغترين: ص: 189)

بَشَر رازِ دلی کہہ کر ذلیل و خوار ہوتا ہے　　نکل جاتی ہے جب خوشبو تو گل بے کار ہوتا ہے

ماشاءَالله! ڪجھ صاحبان نهايت ئي سِياڻا ۽ پيٽ جا مضبوط هوندا آهن ۽ ڪجھ بہ ٿي وڃي، راز ناهن کوليندا ۽ گهر جي ڳالهہ ٻاهر ناهن ڪندا. ايئن ئي هڪ عقلمند جو واقعو واقعي پيروي جي لائق آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گهر جي ڳالهه ٻاهر ڪرڻ وارو برو آهي

هڪ بزرگ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ صاحبِ راز (يعني رازدار) جو نڪاح ٿيو پر زال مڙس ۾ ذهني اتفاق (يعني انڊر سٽينڊنگ) جي گهٽتائي هئي. ڪهن طرح سندس دوست کي هن ڳالهه جي خبر پئجي وئي، ان پڇيو: توهان جي گهر جو ڇا مسئلو آهي؟ ان رازدار شخص جواب ڏنو: مان ايترو ذليل ناهيان جو گهر جي ڳالهه ڪنهن کي ٻڌايان. آخرڪار گهر نہ هلي سگهيو ۽ طلاق ڏيڻي پئجي وئي. جڏهن ڪيس دوست کي خبر پئي تہ چيائين: اها تہ هاڻي توهان جي گهر واري ناهي رهي، ٻڌايو تہ ڇا معاملو هو؟ ان سِياڻي شخص جواب ڏنو: هاڻي تہ اها منهنجي لاءِ غير عورت ٿي چڪي آهي ۽ ڪنهن غير عورت جي باري ۾ مان ڪيئن ٿو گفتگو ڪري سگهان! (غيبت کی تباہ کاریاں، ص: 363 )

اللہ ہم کو فضل سے عقل سلیم دے
شرم وحیا طُفیلِ رسول کریم دے

## ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙي ڳالهه زبان مان نڪري ويندي آهي جو....

حضرتِ بِلال بن حارث رَضِيَ اللهُ عَنۡه فرمائن ٿا تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هڪ لفظ ماڻهو اللّٰه پاڪ جي رضا جي لاءِ چوندو آهي ۽ هي ناهي ڄاڻيندو تہ هن سان ڪجهه وڏي رضامندي حاصل ٿيندي پر اللّٰه پاڪ انهيءَ جي باعِث قيامت تائين جي رضا مندي (يعني خوشي) لکي ڇڏيندو آهي. ۽ ڪڏهن هڪ ڪلمو (يعني لفظ) ناراضگي وارو چوندو آهي ۽ هي معلوم ناهي ٿيندو تہ هن سان ناراضگي گهٽي

ٿيندي پر الله پاڪ ان کان پنهنجي ناراضگي قيامت تائين جي لاءِ لکي ڇڏيندو آهي. (ترمذي، ج: 4، ص: 143، حديث: 2326)

## اُهو بي فائدو گهٽ ڳالهائيندو

جيڪو خوش نصيب خوفِ خدا جي زيور سان آراسته ٿي ڪري موت کي ڪثرت سان ياد ڪندو هجي، گهٽ آمدني (INCOME) تي به شڪر ڪندو هجي، گهٽي مال ۽ دولت جي هَوَسّ نه هجي ۽ جنهن کي هي به احساس هجي ته "ڳالهائڻ" به ڪو عمل آهي، جنهن جو حساب ڏيڻو پوندو. ته اهڙو شخص بيڪار ڳالهيون ڪڏهن به نٿو ڪري سگهي. جيئن ته حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمايو: جيڪو موت کي گهڻو ياد ڪندو آهي، (اهو) دنيا مان ٿوري شيءِ تي (به) قَناعَت ڪندو (يعني قسمت تي راضي رهندو آهي) ۽ جيڪو پنهنجي گفتگو کي به عمل تصوّر ڪندو آهي اهو اجائي ڳالهه گهٽ ڪندو آهي. (احياءَ العلوم، ج: 3، ص: 137 ، احياءَ العلوم(اردو) ج: 3، ص: 338)

## زبان جو ترڪڻ پيرَ جي ترڪڻ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي

هر وقت ڳالهائيندو رهڻ سان هي به انديشو (يعني خوف) رهندو آهي ته مقبوليّت جي گهڙي هجي ۽ ڪا ڳالهه ناپسنديده نڪري وڃي ۽ ايئن ئي ٿي وڃي. هڪ عربي شاعر جي شعرن جو ترجمو آهي: "ماڻهو پنهنجي زبان جي لَغزِش (ترِڪڻ) سان هلاڪ ٿي ويندو آهي، جڏهن ته پيرَ جي ترِڪڻ سان ان کي موت ناهي اچي ويندو، جيڪا شيءِ ناپسند هجي ان جو زبان سان تذڪرو به نه ڪريو، ڪڏهن

ڪڏهن جيڪو ڪجهه زبان مان نڪري ويندو آهي، ايئن ئي ٿي ويندو آهي.“ (تنبيهُ المغترين: ص: 166)

## خبر ناهي ڪهڙي گهڙي قبوليّت جي هجي

اي عاشقانِ رسول! هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ کان بچڻ ۾ ئي ڀلائي آهي، جڏهن بہ فارغ هجو فوراً زبان تي ذِڪُر ۽ درود کي جاري ڪري ڇڏيو، خبر ناهي ڪهڙي وقت قبوليت جي گهڙي اچي وڃي ۽ اسان جو ٻيڙو پار ٿي وڃي. حضرت لُقمان حڪيم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي پٽ کي فرمايو: اي منهنجا پٽ! اَللّٰهُمَّ اغۡفِرۡلِیۡ پڙهندا ڪريو، ڇوتہ الله پاڪ جي طرفان ڪجهہ وقت اهڙا آهن جنهن ۾ دعا گهرڻ واري جي دعا قبول ڪئي ويندي آهي. (كتاب حسن الظن با لله مع موسوعة ابن ابی الدنيا ج: 1 ص: 110، قول نمبر: 118)

## فضول ڳالهائڻ واري جي قيامت ۾ پنجن هنڌن تي پريشاني

منقول آهي تہ ڪلَ ڀوڳ (يعني مذاق مسخري) يا لَغو (يعني فضول) ڳالهہ تي ٻانهي کي (ميدانِ قيامت ۾) پنجن هنڌن تي جهٽڪڻ ۽ وضاحت طلب ڪرڻ جي لاءِ روڪيو ويندو:

(1) ڳالهہ ڇو ڪئي هئي؟ ڇا ان ۾ ڪو تنهنجو فائدو هو؟

(2) تو جيڪا ڳالهہ ڪئي هئي ڇا ان سان توکي ڪجهہ نفعو حاصل ٿيو؟

(3) جيڪڏهن تون اها ڳالهه نہ ڪرين ها تہ ڇا توکي ڪو نقصان ڪٽڻو پئي ها؟

(4) تون خاموش ڇونہ رهينءَ تہ جيئن انجام سان محفوظ رهين ها؟

(5) تو ان جي جڳهه تي سُبْحٰنَ الله، اَلْحَمْدُ لِلّٰه چئي ڪري اَجر ۽ ثواب ڇونہ حاصل ڪيو؟ (قوتُ القلوب، جلد اوّل، ص: 468)

حضرت فُضيل بن عِياض رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”زبان سان مٿي جي حفاظت ٿيندي آهي.“ (تنبيهُ المغترين، ص: 190)

زبان سان جنهن کي برو پلو چيو ويو، تي سگهي ٿو اهو ڪاوڙ ۾ مارڻ تي لهي پئي ۽ مٿو وغيره ڦاڙي ڇڏي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خاموشيءَ ۾ ست هزار فائدا آهن

ڪنهن عقلمند جو چوڻ آهي تہ خاموشي ۾ ست هزار فائدا آهن، جيڪي ست جملن (يعني سينٽينس SENTENCES) ۾ جمع آهن ۽ هر جملي ۾ هڪ هزار فائدا آهن: (1) خاموشي بنا محنت جي (يعني ڪجهہ شرطن سان) عبادت آهي (2) خاموشي بنا زيور جي سينگار آهي (3) خاموشي بنا بادشاهيءَ جي دٻدٻو آهي (4) خاموشي بنا ديوار جي قلعو (ڪوٽ) آهي (5) خاموشيءَ ۾ ڪنهن هڪ وٿ معذرت (يعني SORRY ناهي ڪرڻي پوندي (6) خاموشيءَ ۾ ڪراماً ڪاتبين (يعني اعمال لکڻ وارن عزّتدار ملائڪن) جي راحت آهي (7) خاموشي انسان جي عيبن جي لاءِ پردو آهي. (تنبيهُ الغافِلين، ص: 117)

## جواني ديواني آهي هن جي شَر کان بچو!

جوانيءَ ۾ عام طور صحت چڱي رهندي آهي، خواهشون ۽ اميدون گهٽيون هونديون آهن ۽ واقعي جوانيءَ ۾ سخت آزمائش هوندي آهي. جيئن تہ حضرتِ حسن بَصري رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کان روايت آهي، مسلمانن جا ٻيا خليفا، حضرتِ عمرِ فاروقِ اعظم رَضِيَاللهُعَنۡه جن هڪ نوجوان کي فرمايو: ”اي نوجوان! جيڪڏهن تون ٽن شين جي شَر کان بچي وڃي تہ جوانيءَ جي شَر کان محفوظ ٿي ويندين (1) زبان جي شَر (يعني برائي) کان (2) شرمگاهہ جي شَر کان (3) ٽئين پيٽ جي شَر کان.“ (تنبيه الغافلين، ص: 117)

ڈھلنے والی ہے جوانی جس پہ تجھ کو ناز ہے
تُو بچالے چاہے جتنا چار دن کا ساز ہے

## نہ ڳالهائڻ ۾ نَوَ ڳڻَ (خوبيون)

واقعي گهٽ ڳالهائڻ ۾ عافيت ۽ سلامتي آهي. حضرتِ وُهَيّب بن وَرْد رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: عافيت ڏهہ حصا آهي، هن ۾ نَوَ 9 حصا رڳو خاموشي آهي ۽ هڪ حصو ماڻهن کان پري ڀڄڻ.“ (تنبيهُ المغترين، ص: 190)

## زبان جي حفاظت سونَ ۽ چاندي جيان ڪيو

حضرت سيّدُنا عبدُ الله بن عَمرو بن عاص رَضِيَاللهُعَنۡهما فرمايو: ”بنا مقصد واري ڪم کي ڇڏي ڏيو، فضول ڳالهين کان بچو ۽ پنهنجي زبان جي ايئن حفاظت ڪيو جيئن سونَ ۽ چانديءَ جي حفاظت ڪندا آهيو.“ (الله والوں کی باتیں، ج: 1، ص: 508، حلية الاولياء، ج: 1، ص: 359)

## خاموشي سونُ آهي

الله پاڪ جا پيارا نبي حضرتِ سيّدُنا سُليمان عَلَيْهِ السَّلَام فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن گفتگو ڪرڻ "چاندي" (يعني SILVER) هجي تہ چپ رهڻ "سونُ" (يعني GOLD) آهي. (احياءُ العلوم، ج: 3، ص: 136)

## صاحبِ حڪمت ڪير؟

سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عالي شان آهي: "جڏهن توهان دنيا کان بي رغبت شخص کي ڏسو ۽ ان کي گهٽ ڳالهائڻ وارو لهو تہ ان وٽ ويهي رهو ڇوتہ ان کي حڪمت ڏني وئي آهي." (ابن ماجة ج:4، ص: 422، حديث: 4101) "مِراٰت" ۾ هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان آهي: " حڪمت" مان مراد عِلم باعمل آهي، ڪجھ (عالِمن) فرمايو: شريعت ۽ طريقت جو اجتماع يعني ٻنهي جو گڏ هئڻ "حِڪمت" آهي.

(مرات ج: 7، ص: 57)

## گهٽ ڪلام ۾ گهٽو ڪم

جيڪو نيڪ ماڻهو هجي ان کي ذڪر و درود ۽ "نيڪي جي ڪمن" کان فرصت ئي ناهي ملندي جو فضول بڪواس ۾ پئجي ۽ منافق تہ هوندو ئي فالتو آهي ان ڪري " جهڳي" نہ هٽي تہ ٻيو ڇا ڪري! جيئن تہ امام اَوزاعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هي مَقولو مشهور آهي تہ "مسلمان ڪلام (يعني گفتگو) گهٽ ۽ ڪم گهڻو ڪندو آهي پر مُنافق ڪم گهٽ ۽ جهڳي(يعني اجائي گفتگو) گهڻي ڪندو آهي."

(تنبيهُ الغافلين، ص: 115)

## چاليهه سال جون راتيون فضول ڳالهين کان پرهيز ڪئي


الله پاڪ جا اهڙا اهڙا نيڪ ٻانها ءِ سڀ ڪان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ديوانا هوندا آهن جن کي ذڪر و درود کان فرصت ئي ناهي ملندي جو فضول ڳالهين جي نوبت اچي. جيئن تہ حضرت منصور بن مُعْتَمِر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سالن تائين عشاء جي نماز کان پوءِ ڪنهن سان ڳالهين ۾ حصو نہ ورتو. (احياءُ العلوم (اردو) ج: 3، ص: 339، احياءُ العلوم، ج: 3، ص: 137)

الله اڪبر! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله وارا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم چاليهه چاليهه سالن تائين پنهنجي زبان قابو رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ءِ اسان جو حال هي آهي جو چاليهه منٽ بہ پنهنجي زبان نٿا سنڀالي سگهون!

بے کار گفتگو سے خدایا بچا مجھے
ذِکر و دُرُودِ پاک کا شَیدا بنا مجھے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 / 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net